# كارل مارڪس

## حياتيءَ جو مختصر احوال



عوامي ڪتاب گهر

گاڏي کاتو حيدرآباد

# كارل ماركس

(پورهيتن جون تقديرون بدلائيندڙ
دنيا جو عظيم ڏاهو انسان)

## (حياتيءَ جو مختصر احوال)

ليکڪ: ابن پارس

---

# انتساب

***

سنڌ جي عظيم سپتر
۽ مارڪسي ڏاهي
قائد انقلاب

## رسول بخش پليجو

کي سڪ ۽ سنيهه سان
ارپيان ٿو –

– ابن پارس

ٽيڪسٽ انٽري ۽ اِي بُڪ ڪمپوزنگ: سڪندر علي ابڙو، قمبر علي خان

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڪِلڪ ڪريو: http://geocities.com/sindhiawami

●●●

ڪي ماڻهو هن ڌرتيءَ جو مانُ تي جيئڻ کي معنىٰ ۽ مطلب ڏئي ڇڏيندا آهن، حياتيءَ جي اڻ هوند، عذابن ۽ ايذائن سان لڙڻ جي وٿ ڏئي ويندا آهن ۽ ماڻهو واقعي ماڻهو ٿي هن اهنجن پريل نا انصاف دنيا سان وڙهي جنگ جوٽي ڪيس بلڪل بدلائي، اٿلائي ڪيس سهنج، سک پريل، منصف ۽ خوبصورت دنيا ۾ متي ڇڏيندا آهن ۽ ٻيا انهن کي ڏسي اهڙي سڌ ڪرڻ لڳندا آهن.

اهڙي ئي هڪ مانائتي مٽيادار شخصيت جو نانءُ آهي ڪارل مارڪس، جنهن سموري حياتي، دربدري ۽ جلاوطنيءَ جي اکٽ اماس جي حوالي ڪري، بک، بيروزگاري ۽ ڏک ڏولاوا هڪ عظيم مقصد خاطر قبول ڪري ورتا ۽ دنيا کي بدلائڻ جا سولا سيبتا ۽ سائنسي طريقا ايجاد ڪري مظلومن، محڪومن، ڦُريل ۽ ڏتڙيل انسانن کي نئون ساهه اتساهه ۽ جيئڻ جو صحيح ڍنگ سيکاريو ۽ جي اڄ تائين بدنصيب انسانن لاءِ روشن ۽ خوشحال مستقبل طرف 'ميل پٿر' جو ڪم ڏئي رهيا آهن. هن انساني جدوجهد کي هڪ عملي موڙ ڏنو ۽ حقيقت پسنديءَ جي رنگ سان تاريخ کي سمجهايو. مارڪس پنهنجي وجود ۾ هڪ مشن، هڪ اداري ۽ هڪ ليجنڊ جي حيثيت رکي ٿو. اهڙي يگاني شخصيت تي لکندي ميڪ ليلن چئي ٿو.

"ويهين صديءَ جي سماجي سائنس جي سڄي وايو منڊل تي سڀ کان وڌيڪ مانائتي ۽ متاثر ڪندڙ شخصيت". (ڏسو امريڪانا انسائيڪلوپيڊيا، صفحو 387)

مارڪس جي وڏن ڪارنامن مان هڪ ڪارنامو آهي خشڪ فلسفي کي ماڻهن لاءِ نهايت سٺائي، سولي ۽ عملي سائنس جي شڪل ۾ پيش ڪرڻ. هن کان اول ڪو فلسفي کي پڙهڻ تہ پري رهيو، ٻڌڻ بہ پسند ڪونہ ڪندو هو تہ اهو رڳو ماڻهن کي منجهائي موڳي ڪرڻ جو نانءُ آهي. ڪائنات جي پيدائش، زندگيءَ جو مقصد، سماجن جو مٽجڻ ۽ حياتي موت جا اسرار ماڻهن کي پيا حيران پريشان ڪندا هئا. ڪو ڪيئن چوي تہ ڪو ڪيئن. عام ماڻهو ڪنهن کي مڃي ڪنهن کي ٹُڏي. نہ ڪجهه سمجهه ۾ ايندو هو نہ يقين ئي ڪري سگهبو هو. صرف مارڪس ئي

ان کي ساديءَ ۽ آسان انداز ۾ نهايت سٽائيءَ ۽ سائنسي دليلن سان پيش ڪري هنن مونجهارن کي هميشہ لاءِ حل ڪري ڇڏيو.

هاڻي هي ڪتابي فلسفو نہ رهيو آهي، نہ ئي ڪجھ دانشورن ۽ مفڪرن جي ميراث: جي بند ڪمرن ۾ ويهي لکن بہ پاڻ، پڙهن بہ پاڻ، تہ سمجهن بہ پاڻ. عام ماڻهو وات ڦاٽيو پيو ڪين ڏسي، پر ساڳيو فلسفو هاڻي مارڪسي ڏانءَ سان جديد دور جي سماجي جدوجهد جو وڏي ۾ وڏو طاقتور نظرياتي هٿيار بڻجي چڪو آهي. جنهن سان سموري انسانذات جي قسمت ۽ آئيندو ڳنڍيل آهي. صرف هي فلسفو ئي سماجي معنيٰ ۾ هڪ مڪمل ضابطہ حيات آهي ۽ هن ڌرتي ۽ هن سماج جي اوسر ۽ تبديليءَ لاءِ هڪ انقلابي عمل آهي. جنهن کي ڪنهن بہ قوم جو پورهيت طبقو پوري طرح سمجهي هضم ڪري ۽ ان جي عملي پاسن کي تخليقي انداز ۾ پنهنجن حالتن سان لاڳاپي، انقلاب آڻي بہ سگهجي ٿو ۽ ان کي برقرار بہ رکي سگهجي ٿو.

هن فلسفي جو بيان مکيہ طرح ٻن ڪتابن ۾ ملي ٿو، هڪ ڪميونسٽ مينيفسٽو (پڌرنامو) جو 1848ع ۾ لکيو ويو ۽ جنهن جي ڇپجڻ سان ئي يورپ ۾ انقلاب جي لهر ڦٽي نڪتي ۽ ٻيو ڪتاب آهي ٽن جلدن ۾ ”ڪئپيٽل“ (سرمايو) جي نالي سان، جنهن کي سڄي دنيا جا ڪميونسٽ ’بائيبل‘ ڪري سمجهندا آهن. جنهن جي مضمون ۽ متي تي ئي مارڪسزم بيٺل آهي. هي مارڪس ۽ اينگلس جي گڏيل ذهني پورهيي ۽ جدوجهد جو نتيجو ۽ نچوڙ آهي.

هينئر اسين اهڙي ڏاهي جي زندگيءَ تي نظر وجهون ٿا: ڪارل مارڪس، عظيم انقلابي سماجوادي، عمرانيات ۽ اقتصاديات جو ماهر، تراير (جرمنيءَ) جي شهر ۾ مئي 1818ع ڌاري، هڪ يهودي (Jew) جي گهر ستن ٻارن ۾ پيدا ٿيو، ۽ اتفاق سان مارڪس کي خود بہ ست ٻار ڄاوا هئا. سندس والد اينرخ مارڪس هڪ عمدو وڪيل ۽ اعليٰ ذهن جو مالڪ هو. جنهن جو واسطو پڻ ڪانٽ ۽ والٽيئر (مشهور فلسفي) جي عملي تحريڪ سان هو. هن پڻ پنهنجي صوبي پرشيا ۾ دستوري تحريڪن لاءِ ڪيل مظاهرن ۾ سرگرم حصو ورتو. سندس ماءُ انيرٽيا پريسبرگ جو تعلق هالينڊ سان هو جنهن کي صحيح جرمن ڳالهائڻ آخري دم تائين نہ آئي. مارڪس جو پيءُ جنهن جو اصل نالو هرسشل هو، سندس پيدائش کان سال ڏيڍ اول پنهنجي پيشورانہ مجبورين تحت عيسائي (اينرخ) ٿيو ۽ مارڪس بہ ڄمڻ بعد ڇهن ستن سالن جي عمر ۾ عيسائي ڪيو ويو.

مارڪس نہ گوئٽي (جرمن شاعر) وانگر ماءُ جو البيلو پٽ رهيو ۽ نہ ئي لسينگ يا شلر وانگر پيءُ جو سڪيلڏو. سندس پيءُ هن جي ويهين سالگرهہ ڪانپوءِ گذاري ويو. جنهن ڪي پٽ لاءِ ڪابہ ڳڻتي نہ ڳاريندي هئي، جو ڪيس مارڪس ۾ هميشہ سنگمرمر جهڙي سختي ۽ مضبوطي نظر ايندي هئي، جا سندس نماڻي طبيعت کان نهايت مختلف هئي. هُن پنهنجي نهايت آزاد ۽ انسانيت پسند طبيعت تحت مارڪس کي پڻ مڪمل آزادي ڏني هئي، جنهن سندس شخصيت کي اجا وڌيڪ مضبوط ڪيو هو. مارڪس 1830 کان 1835 تائين ٽراير جي هاءِ اسڪول ۾ تعليم ورتي، جنهن اسڪول تي پڻ آزاد خيال استادن ۽ شاگردن رکڻ جي شڪ ۾ پوليس جي ڪڙي نظر لڳل هوندي هئي جو پوليس چوڪسيءَ ۾ ڏنل هو. مارڪس ننڍي عمر کان ئي لکڻ شروع ڪيو، هن جي ابتدائي لکڻين ۾ هڪ عيسائي جي عقيدت ۽ انسانيت لاءِ پاڻ قربان ڪرڻ جا جذبا نهايت گهرا ملن ٿا. هن شاعري پڻ ڪئي.

1835ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين، جنهن جا خاص مضمون هئا يوناني، رومي مئٿالاجي (ڪٿائون)، تاريخ ۽ فنون (آرٽس). تعليم دوران شاگردن جي تحريڪن ۾ پڻ ڀرپور حصو ورتائين ۽ هڪ دوبدو مقابلو (Duel) بہ وڙهيو. هن ٽيورن ڪلب ۽ شاعرن جي ڪلب ۾ پڻ شرڪت ڪئي، جنهن ۾ ڪيترا سياسي ڪارڪن پڻ حصو وٺندا هئا، ان وقت بون (اولهہ جرمني جي گاديءَ جو هنڌ) سياسي بغاوتن جي تحريڪن کان گهڻو بدنام هو. مارڪس خير هڪ سال کان پوءِ ئي 1836ع ۾ بون ڇڏي برلن يونيورسٽي ۾ اچي قانون ۽ فلسفو پڙهڻ لاءِ پهتو.

هينئر مارڪس 18 سالن جي طوفاني عمر ۾ داخل ٿيو، جا هرهڪ لاءِ حياتيءَ جا نوان موڙ ۽ موجون کڻي، دل ۾ محبت جا مچ ۽ اکين ۾ اڏامندڙ سپنا وجهي ڇڏيندي آهي ۽ ماڻهوءَ لاءِ پاڻ سنڀالڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي، مارڪس بہ هن مستي واري موڙ تي پنهنجي ٻالپڻ جي ساٿيءَ سان اچي مليو. هوءَ سندس وڏي ڀيڻ صوفي جي گهاٽي ساهيڙي هئي.

صوفيءَ جي صدقي ٻن جوان دلين کي گڏ ڌڙڪڻ جو موقعو مليو ۽ پوءِ هو ڪڏهن بہ نہ وڇڙڻ لاءِ اچي مليا. انسانن جي هن اعليٰ اڳواڻ جي شروعاتي جمار ۾ اِها سڀ کان پهرين، سڀ کان سهڻي ۽ پرمسرت ڪاميابي هئي، جا سندس پيءُ کي بہ نہ پئي آئڙي. پر پوءِ چوڪريءَ جي 'اعليٰ ذهن' ۽ اڻ مٽ قربانيءَ جو جذبو، جو عام چوڪرين کان گهڻو انوکو هو. ڪيس آڻ مڃائڻ ۾ سرخرو ٿيو.

جيني وان وئفلين نہ صرف غيرمعمولي حسين هئي پر هو غيرمعمولي جذبي ۽ ڪردار جي پڻ مالڪ هئي. هوءَ مارڪس ڪان چار سال وڏي، عمر جي ويهين ڏهاڪي ۾ هئي. پرپور جوين، بي مثال سونهن ۽ هڪ وڏ گهراڻي هوندي هو ڪيترن جي خوابن جي شهزادي ۽ خيالن جي ملڪہ هئي. سندس پيءُ جو تعلق ملٽري ۽ انتظامي حلقي سان هو. نظرياتي طرح هو فرانسيسي سوشلسٽ سينٽ سمن جو پوئلڳ هو.

جيني چاهي ها تہ وڏ ڪان وڏ گهراڻي جو گهوٽ ڪيس ملي سگهيو ٿي، پر مارڪس جي پيءُ جي لفظن ۾ هن "پنهنجي شرطيہ خوشحال آئيندي کي مارڪس لاءِ هڪ يوائتي ۽ غير يقيني مستقبل تي قربان ڪري ڇڏيو." سندس دوربين نگاهہ ڪان تہ ڪڏهن مارڪس جو پيءُ بہ چرڪي پوندو هو. مارڪس جي زندگيءَ جي زهرن ۾ هن هميشہ پئي پنهنجو امرت اوتيو. سندس پريشانين کي نهايت بهادريءَ سان ونڊايو ۽ هر ڏکي وقت ۾ اڏول ساٿي جيان ڪيس سنڀاليو ۽ سنواريو. زندگي جا بي رحم زخم ڪِلندي سَنا ۽ پيار جي ملم سان سندس گهاؤ پريا ۽ صحيح معنیٰ ۾ مارڪسي ساٿي ۽ ڪامريڊ جو ڪردار ادا ڪيو. سندس تمام تحريرن ۾ جي، اڄ اڻ لپ آهن، هڪ شينهڻ جهڙو حوصلو ملي ٿو. گوئٽي جي لفظن ۾ "هر موڊ ۾ مست ۽ سچو ساٿي"، اهي پل تہ خوشحاليءَ جا ڏينهن هجن يا بدحاليءَ جون ڪاريون راتيون، چاهي پنهنجي معصوم ٻار جي غربت سبب موت تي ڪيس ڪفن دفن نہ ڏيڻ جون لاچاريون ۽ محروم زندگيءَ جا برباد ۽ محتاج سال، پر ويهن سالن جي هن ساٿ ۾ جيني ڪڏهن بہ جهوبو نہ کاڌو، هار نہ مڃي ۽ سنگ نہ ٽوڙيو. مارڪس بہ سڄي عمر سندس ساراهہ جا ڊڪ پريا ۽ مرندي گهڙيءَ تائين نهايت گنڀير آواز ۾ جيني سان گهاريل گهڙين کي دل ڏاريندڙ آواز ۾ آلاپيندو رهيو ۽ انهن ساروڻين ۾ ئي ساهہ ڇڏيائين.

قصو ڪوتاهہ تہ مارڪس برلن پهتو، جينيءَ سان مڱڻي جي باوجود سندس پيءُ جو لکيل 1846ع وارو خط جنهن ۾ هُن پهرين جولاءِ تي نہ صرف پنهنجي اجازت جو اقرار ڪيو پر پنهنجي ان خواهش جو بہ اظهار ڪيو تہ سندس پٽ مارڪس، قانون ۽ سياسي معشيت پڙهڻ لاءِ برلن يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿئي. جنهن مان اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ٻن پيار ڪندڙن کي ڪجهہ وقت لاءِ ڌار ضرور ٿيڻ گهرجي.

۽ ماركس برلن يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿي ويو، جو سندس محبت جينيءَ جو پڻ اهو اسرار هو تہ هو مستقبل ۾ شادي كندا ۽ في الحال ماركس محبت جو يوت ذهن تان لاهي پوري اورچائي سان پڙهڻ ۾ ڌيان ڏئي، جنهن جو ماركس پڻ وعدو كيو هو. پر جوانيءَ جا اهي وعدا تہ پاڻيءَ تي ليك ئي ثابت ٿيندا آهن، ماركس بيشڪ هڪ مُنو تي پڙهڻ ۾ لڳي ويو پر سندس دل جينيءَ ڏانهن ڇڪندي رهي. جنهن جو اظهار هن پنهنجن پارن كي ان بابت ٻڌائيندي كيو هو تہ ان دور ۾ سندس بي صبر دل سندن ماءُ لاءِ ڦٿكندي رهي ۽ تيسين كيس قرار نہ آيو جيسين كين هڪٻئي كي خط لکڻ جي اجازت ملي. پوءِ بہ برلن پهچڻ تي پوري سال بعد ئي كيس جينيءَ جو پيارپريو خط مليو.

# سچ جو بي غرض ۽ اڻٿڪ ڳولائو

سچ ڄاڻڻ جي سندس بي قرار جبلت جي پروڙ اسان كي سندس هڪ لکيل خط مان پئي ٿي. جو هن نومبر 1837ع تي پنهنجي ساٿين ڏانهن لکيو هو. اهڙيءَ جوانيءَ ۾ بہ ماركس كيئن نہ اورچائيءَ ۽ اڻتل ارادن سان اصل سچ ڳولڻ جو اڻٿڪ چارڻ رهيو جو كم كندي كندي سندس بدن ساڻو ٿي پوندو هو، پر ڄاڻ جي اُڃ نہ اُجهندي هئي؛ پاڻ نهايت بي رحم رويو ۽ كڙي خود تنقيد روا رکندو هو، جو كٿي بہ كنهن غلطي كرڻ جو انديشو ئي هوندو هيس تہ دل جي سيني سَڌن كي سخت نوكر هٽي پاڻ سان وڙهڻ لاءِ چيلهہ ٻڌي اُٿي كڙو ٿيندو هو. ماركس مطابق كيس قانون كان وڌيك تاريخ ۽ فلسفي سان لڳاءُ هو. جن لاءِ هن كي استادن جي گهٽي ليكچرن جي بہ ضرورت نہ هئي. بنيادي طرح هو هڪ وڏو مفكر هو، جو يونيورسٽيءَ پڙهائي دوران پڻ آزادانہ كم كندو هو ۽ هڪ سال جي مختصر مدي اندر ئي هن ڏهن سالن جو كم كري ورتو. اهو سڀ سندس خودمختيارانہ كم كرڻ جو انداز هو نہ تہ يونيورسٽيءَ جي سست ۽ اجائي ڊيگهہ واري انداز ۾ تہ هو ڏهن سالن اندر بہ اهو كجهہ حاصل نہ كري سگهي ها جو هن هڪ سال جي پورهئي اندر ماڻيو هو.

برلن ۾ پيار جي دنيا جو تہ ڏيك ئي ڏكيو هو، جنهن ۾ سكٽي اميد ئي هئي، باقي ساهہ تہ پئي يار سان ملڻ لئہ سٽون ڏنيون. بس پوءِ ماركس هو ۽ سسئيءَ جا سور هئا، جدائيءَ جا پهڻ هئا ۽ جينيءَ جو پاڇو بہ پري هو. اندر جا اُڌما جي حساس ۽ ذهين ماڻهن كان لكايو نہ پئي لكيا، شعرن جي صورت وٺي اُيامي

نڪتا ۽ سڄا سارا ٽي نوٽ بڪ پرجي ويا. جنهن تي ارپنا لکيل هئي ”پنهنجي پياري سدا ملوڪ جيني وان وئفلين جي نالي“ جيڪي ڊسمبر 1836 ڌاري جينيءَ جي هٿن ۾ پهتا. بس پڙهڻو هو ۽ نينهن نيسارا ڪري وهڻ لڳو، اهڙي اُداسي ۽ خوشي گاڏڙ جذبن جي خبر مارڪس جي ڀيڻ صوفيءَ ٻڌائي.

پر شاعري سندس مستقل شوق نہ رهيو جنهن جو هن پوءِ پنهنجي خط ۾ ذڪر ڪيو. باقي سندس سائنسي لکڻين کيس جرمن ادب ۾ هڪ مانائتي جاءِ ڏني. پراثر لکڻين ۽ مضبوط زبان کيس جرمن ادب جي انهن ڳاڻ ڳڻيل اديبن جي سٽ ۾ شامل ڪيو، جي لکڻين ۾ حسن لطافت جو خاصو خيال رکندا آهن.

هتي (برلن ۾) ئي کيس هيگل (خارجي خيال پرست) جي فلسفي جي ڪشش محسوس ٿي. هي مشڪل سان 20 ورهين جو هو تہ هن هيگل ڪلب ۾ شرڪت ڪئي ۽ معمول مطابق جلد ئي ان جو مرڪز بڻجي ويو ۽ پاڻ کان ڏهہ سال وڏن بائير ۽ ڪوپن بنهي سندس غيرمعمولي ذهانت کي مڃي کيس قبول ڪري ورتو.

پر اڳتي هلي هيگل جي خيال پرست جدليات کي نندينڊي مارڪس سائنسي سوچ ۽ مادي فلسفي سان کيس سنئون ڪري ڇڏيو تہ هيگل جي فلسفي وانگر هي دنيا رڳو انساني شعور جي پيداوار ناهي پر هي حقيقي دنيا ئي انساني سمجهہ ۽ شعور جي محرڪ آهي. ان لاءِ مارڪس چيو تہ ”هيگل جي جدليات ابتي بيٺي آهي ان ڪري کيس سڌو ڪري پيرن تي بيهارڻو آهي ۽ سندس متو متي جهلڻو پوندو.“

اتان جي ماحول ۾ هن فلسفي جو تمام گهڻو اثر موجود هو ۽ هيگل جي پوئلڳ نوجوانن جو تعداد ڪاتي کان ٻاهر هو، پر هن کي اهڙي ”بت“ ٻڻائڻ واري روش کان بچاءَ اچڻ لڳي جو شاگردن جو چوطرف اهڙو ئي رويو هوندو هو، جنهن کان اڳتي هلي حڪومت پڻ ڊڄي وئي ۽ پرشين سرڪار ڪيترن نوجوانن کان خوف ڪائيندي ڪين يونيورسٽي مان نيڪالي ڏئي ڇڏي. مارڪس تعليمي ميدان ۾ ڊاڪٽريٽ ڊگريءَ لاءِ پنهنجو مقالو پيش ڪيو جو جنا يونيورسٽيءَ اپريل 1841 ۾ منظور ڪري کيس ڊگري ڏني، هن ٿيسس ۾ مارڪس هيگل جي فلسفي جي روشنيءَ ۾، ڊيموڪريٽس ۽ ايپيڪيورس جي فطري فلسفن جي وچ ۾ فرق جي وضاحت ڪئي هئي.

1841ع ۾ ئي مارڪس ۽ سندس سوچ جا ٻيا ساٿي هڪ ڪتاب (The essence of Christianity) ”عيسائيت جي جوهر“ کان گهڻو متاثر ٿيا. هن ڪتاب ۾ لداخ فيورباخ نهايت ڪاميابيءَ سان هيگل جي جدليات تي مادي نقطئہ نظر کان مؤثر

تنقيد ڪئي آهي. هن ڪان پوءِ مارڪس پڻ ان جاڪوڙ ۾ لڳي ويو ته ڪيئن بہ فيورباخ جي ماديت کي هيگل جي جدليات سان ملائي هڪ ڪجي. آخر انهيءَ جاڪوڙ ئي ’جدلياتي ماديت‘ جهڙي بي مثال سائنس تخليق ڪري ورتي جنهن دنيا جي سيني مونجهارن کي سنواري سڌو ڪري وڌو ۽ فلسفي جي دنيا ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو. هن اخبارن ۾ پڻ اهڙا ليک لکڻ شروع ڪيا. هن پريس تي وڌل سنسرشپ کي اخلاقي برائي ڄاڻايو جنهن جا نتيجا نهايت آگرا ۽ برا ئي نڪرندا. 15 آڪٽوبر 1842ع تي هو هڪ اخبار Rheinische Zeitung جو ايڊيٽر ٿيو. حالانڪ منڍ ۾ هن جو خيال يونيورسٽيءَ ۾ استاد ٿيڻ جو هو. پر پوءِ بائير جي برطرف ٿيندي ئي هن سياسي ۽ اقتصادي ليک لکڻ شروع ڪيا. هينئر ايڊيٽر ٿيڻ کانپوءِ هن دل کولي سماجي ۽ اقتصادي براين تي ايڊيٽوريل لکڻ شروع ڪيا. جن ۾ ڪميونزم جي نئين وايومنڊل جو پڻ ذڪر هوندو هو. هينئر متائنس هيگل جو اثر بہ آهستي آهستي لهڻ لڳو ۽ ان مان ڦري هو هڪ حقيقت پسند انقلابي ٿي پيو جو جدوجهد کي قانوني دائري اندر هوندي بہ ڏاڪي بہ ڏاڪي وڌائڻ وارن ۾ هو. هن ڏاڍي جفاڪشيءَ سان پنهنجي اخبار جي لاءِ ڪم ڪيو. ڏينهن رات هڪ ڪري لکندو رهيو ۽ وکري کي گهڻو وڌائي ڇڏيائين. آخر پرشين سرڪار روسي دٻاءَ هيٺ اچي سندس اخبار بند ڪري ڇڏي (پوءِ مارڪس پيرس (فرانس جو شهر) هليو ويو جتي هن فرانسيسي ڪميونزم جو ڳوڙهو اڀياس شروع ڪيو).

اخبار جي بند ٿيڻ تي مارڪس روج کي لکيو، ”مون کي ڪابہ حيرت ڪانہ ٿي جو ائين تہ هڪ ڏينهن ٿيڻو هو. پر ان جو بند ڪرڻ ان ڳالھ جو واضح ثبوت آهي تہ هاڻ سياسي سجاڳي نهايت وڌي وئي آهي. آءٌ استعفیٰ تہ ڏئي رهيو آهيان جو مون کي غلاميءَ ۾ ڪم ڪرڻ بلڪل نٿو وڻي، مونکي ڇاپڙائي کان ڪراهت ٿي اچي. حڪمرانن جي اجائي هوڏ، ظلم ۽ پنهنجي بيڪار ۽ نماڻي نهنائي. آزاديءَ لاءِ اسين اجا تلوار بجاءِ قلم جي نوڪ سان وڙهي رهيا آهيون. مونکي چڱو ٿيو جو آجو ڪيو ويو. هينئر آءٌ جرمني ۾ ڪري بہ ڇا ٿي سگهيس، هتي تہ ماڻهوءَ کي پاڻ کان بہ نفرت ٿيو وڃي.“ ۽ اهڙي طرح هو پيرس هليو آيو.

ساڳئي ئي خط ۾ هن فيورباخ تي تنقيد ڪندي لکيو هو تہ سندس نظريا گهڻي قدر فطرت سان جڙيل آهن ۽ تمام گهٽ سياست سان وابستہ آهن، حالانڪ سياست سان ڳانڍاپو ئي همعصر فلسفي کي سچ جي قريب آڻي سگهي ٿو.

# ماركس جي شادي

ستن سالن جي ساڙيندڙ جدائي ۽ ويري وڇوڙي ڪانپوءِ آخر 19 جون 1843 تي جيني ۽ ماركس جو ميل ٿيو ۽ هو شاديءَ جي سماجي بندڻ ۾ ٻڌجي هميشہ لاءِ هڪٻئي جا ٿي ويا. حالانڪ جينيءَ جي سيني مائٽن کي ان سڱاوتي تي اعتراض هو، جن پنهنجي ڀرپور مخالفت جو اظهار بہ ڪيو هو، ماركس ان اعتراض تي واضح ڪيو هو، ”رومانوي انداز کي پاسيرو رکندي آءٌ اهو چوان ٿو تہ آءٌ سر ڪان پيرن تائين دل جي گهراين سان محبت ۾ مست رهيو آهيان. ستن سالن جي ڏکهي عرصي کي لتاڙيندڙ مڱڻي ڪانپوءِ بہ منهنجي مستقبل جي گهرواري کي انتهائي سخت جفاڪشيءَ سان منهن ڏيڻو پوندو جو پنهنجن پاڪ امير مائٽن، جن جو پيءُ تہ جنت ۾ وينو آهي ۽ سرڪار برلن ۾ موجود آهي. ٻئي نهايت بزرگ ۽ مقدس هستيون آهن، تن کي بہ منهن ڏئي تہ وري منهنجن مائٽن ۽ ڪجھ دشمنن ۽ بدخواهن جي غالب قوتن سان ڪيس زورآزمائي ڪرڻي آهي، جنهن بہ منهن جنگ سندس صحت کي ڪمزور ڪري رکيو آهي.“ (روج ڏانهن لکيل خط تان ورتل)

پنهنجي منصوبي مطابق شادي ڪانپوءِ پهريائين ڪجھ مهينا هنن (نئين جوڙي) پنهنجي ان گهر ۾ گذاريا جتي جينيءَ جي ماءُ پنهنجي مڙس جي لاڏاڻي ڪانپوءِ رهندي هئي. جيئن ڪجھ موڙي هٿ ڪري ڪم کي لڳي سگهن ۽ نومبر ۾ پوءِ هو فرانس هليا ويا جو عام زندگيءَ ۾ جرمنيءَ ڪان گهڻو مختلف نہ آهي.

فرانس ۾ ماركس جو تعلق جرمن ۽ فرانسيسي ڪميونسٽن جي سوسائٽين سان رهيو جن جا متا تہ ايترا دائمي ۽ سائنسي ڪونہ هئا، پر هن پنهنجي جهاد کي ڀرپور نموني جاري رکيو، قلمي ڪاوشون هلنديون رهيون. هتي هن جو پهريون ٻار بہ ڄائو جا هڪ نياڻي هئي، جنهن کي ڏيکارڻ لاءِ هو وڏي مان سان مائٽن ڏانهن جرمني ڪٽي ويا. هتان جي خاص ڳالھ ماركس جي شاعر هينرخ هين سان گهري دوستي ڇئي سگهجي ٿي. ماركس پنهنجي ان ناتي کي نڀائڻ لاءِ گهڻو ڪجھ سٺو پر پوءِ بہ بهادري سان سيڪجھ برداشت ڪندو رهيو ۽ وفاداريءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جو فرق نہ آندائين. جيتوڻيڪ هن خلاف فلسفين گهڻو ئي ممڻ مچايو. ويندي هنن خود ڪيس پنهنجي معذوري ۾ معاوضي لاءِ ڪوڙو شاهد ڪري پيش ڪيو پر هو چپ رهيو. ماركس خود بہ شاعر رهيو هو ۽ ڪيس شاعرن سان ڪافي انسيت هئي. جنهن لاءِ هو انهن ڪچاين ڦڪاين تي اک ٻوٽ ڪري ڇڏيندو هو. هن جي خيال

موجب شاعرن کي آزاد هجڻ گهرجي ۽ هنن کي عام ماپي سان نہ ماپجي، نہ ئي متن کٽر تنقيد ڪجي. هين کي تہ هونءَ بہ مارڪس شاعر سان گڏ مجاهد بہ محسوس ڪندو هو. 1834 ۾ مارڪس جڏهن اجا شاگرد هو تہ هين لکيو هو ” آزاديءَ جو جذبو اسان جي ڪلاسيڪي ادب ۾ آهي، سو اسان جي دانشورن، شاعرن ۽ ادبي شخصيتن کان وڌيڪ، اسان جي عوام ۾ ڀرپور انداز ۾ ملي ٿو، جنهن جي گهٽائي پورهيتن ۽ ڪاريگرن تي مشتمل آهي.“

مارڪس ۽ هين جي جرمن فلسفي ۽ فرانسيسي سوشلزم ۾ هڪجهڙي سوچ هئي ۽ هو عام سُستي ۽ مدي خارج اصولن تي گڏجي چوٽ چنبيندا هئا. بهرحال مارڪس جي فرانس ۾ هجڻ سان جرمن انقلابي نظريو فرانسيسي ترقي پسند سوشلزم سان ملي اڳتي هليو. هتي هن جا نهايت بنيادي بہ مضمون پڻ شايع ٿيا پر اڳتي هلي سندس ساٿي ايڊيٽر جنهن جو ذڪر اسين خطن ۾ حوالي سان اڳ ۾ ڪافي ڪري چڪا آهيون، ارنولڊ روج سان اختلاف ٿي پيا جي هڪ اخبار Vorwarts ۾ روج جي گند لکڻ ۽ ان کي مارڪس سان منسوب ڪرڻ جي ڪري وڏي بلڪل ئي خراب ٿي پيا.

هتان جي خاص اهم ۽ تاريخي خبر آهي، مارڪس جي اينگلس سان پهرين ملاقات. جو سيپٽمبر 1844 ۾ پيرس مان لنگهندي مارڪس سان ملڻ آيو. اينگلس هتي ڪل ڏهہ ڏينهن رهيو ۽ سڀ کان گهڻو وقت مارڪس سان ئي گذاريائين جنهن جي لکڻين کان هو بيحد متاثر هو. هنن ٻنهي هميشہ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جو وچن ڪيو ۽ ٻوءِ انقلابي لکڻين جا درياهہ وهڻ لڳا جن جي اشاعت جڳ مشهور پيپر Deutsch-Fram Zosische Fahrbucher ۾ ٿيڻ لڳي. هتي وري سندن پراڻو دوست برونو بائير مخالف ٿي پيو. مارڪس جي مشهور چوٽي ”مذهب انسانن لاءِ آفيم جو ڪم ڪري ٿو“، هتي ئي لکي وئي ۽ هتي ئي پهريون ڀيرو پرولتاريا جي اتحاد ايڪي تي زور ڏئي کين پهريون دفعو متحد ٿي اٿڻ ۽ ايرڻ جو سڏ ڏنو ويو. ڪتابن مان ڪميونزم تي لکيل Manuscript Paris هتي ئي نهيو. برلن حڪومت جنهن کي چٽنگ تہ هنن ئي ڏني هئي جو هن پرشيا خلاف انتهائي سخت يارهن مضمون لکيا هئا ۽ خاص طرح Vorwarts ۾ اتي جي بادشاهہ کي نشانو بڻايو ويو هو پر سرڪار جو نزلو اچي جنوري 1845 ۾ پنجن ڄڻن مٿان ڪريو جن اخبار ۾ پنهنجا مضمون پئي لکيا هئا، اهي ٿي هئا مارڪس، روج ۽ بڪونن، جن کي سرڪار شهر نيڪالي ڏني هئي ۽ بہ بورنسٽن ۽ برنيز جن مان هرهڪ ڪنهن نہ ڪنهن طرح پنهنجي جان

ڇڏائي ورتي. پر مارڪس پنهنجي سچائيءَ ۽ انقلاب سان وفاداريءَ تحت ڪنهن به اٽڪل سٽڪل ڪان ڪم نه ورتو ۽ پيرس ڇڏي بروسلس (بيلجم جي گاديءَ جو هنڌ) هليو آيو. هن کي ڳوڙهي اپياس، گهري تجربي سان گڏ پيرس ۾ هڪ سال اندر زندگيءَ جي سڀ ڪان قيمتي دوستي يعني اينگلس جو ساٿ نصيب ٿيو هو، جنهن ساٿس توڙ نڀايو ۽ حياتيءَ کي نوان موڙ ۽ رنگ بخشڻ لاءِ مارڪس سان ٻِٽ ٿي بيٺو.

ته مارڪس 5 فيبروري 1845 تي بروسلس پهتو ۽ ان سال ئي هن پرشيا جي شهريت ڇڏي ڏني.

# اينگلس - مارڪس دوستي

بروسلس ۾ مارڪس جو گهرو ناتو اينگلس سان ڳنڍيو ۽ مسلسل گڏ رهڻ، سوچڻ، لکڻ ۽ ڪم ڪرڻ سان هڪ نئون نظريو نکري نروار ٿيو. اينگلس پنهنجي اکين سان اول ئي سرمائيداري صنعتن جي مايوس ڪن مرحلن کي ڏسي چڪو هو، جو مانچيسٽر (انگلنڊ جو شهر) ۾ سندس پيءُ جي هڪ ٽيڪسٽائيل فرم (ڪپڙي جو ادارو) هئي. اينگلس خود به هيگل جي پوئلڳن ۾ شامل رهي چڪو هو جو ڪميونسٽن جي ان وقت جي 'ابي' هوموساهس جي قيادت ۾ ڪميونسٽ ڪيو ويو هو. اينگلس جوانيءَ ۾ ئي وڏي ذهانت سان اقتصادي ميدان تي ٺيڪاٺپٽي ڪري چڪو هو ۽ مارڪس جو ميدان هو قانون جي فلسفي تي تخليقي حملا ڪرڻ. اينگلس پنهنجي بالغانہ نقطۂ نظر سان ناميارن نالن رڪارڊو ۽ آدم سمٿ تي تنقيد ڪري چڪو هو ته هُنن ڪا نئين شيءِ لکي ناهي ۽ نه اها سموري ئي صحيح آ. هن بورجوا معشيت جي خانگي پاسي جي تضادن تي ايترو ته لکيو جو اهو پروڌان ڪان وڌيڪ مانائتو مڃيو وڃي ٿو. هن سرمائيدارانہ معشيت جي غير انساني چٽاڀيٽي، مالٿس جي ٿيوري، اقتصادي بحران ۽ اجرتن جي قانونن جي بگڙجندڙ اثرن جو تجزيو ڪيو جو خانگي صنعتن ۾ انسانن کي غلام بڻائي رکڻ جي برابر هو ۽ نعرو لڳائن ٿا انساني آزادين جو.

ان ڪان ته انڪار نٿو ڪري سگهجي ته مارڪس بهرحال وڌيڪ دورانديش سڀ ڪان ڏکهو ۽ گهٽو سوچيندڙ سمجهندڙ هو پر اهو به سچ آهي ته هنن جي سچي علمي عملي جنگ ۾ بنياد ڏيندڙ اينگلس هو ۽ وننڊڙ مارڪس. تخليقي طرح

مارڪس وڏيڪ ذهين ۽ گهرو هو، سندس فلسفي جي پختي گرفت بيشڪ هن کي اينگلس کان اعليٰ ثابت ڪري ٿي. خير ٻنهي جو گڏجڻ انسانن جي آزادي ۽ خوشحاليءَ لاءِ هڪ بنيادي پٿر جي حيثيت رکي ٿو، ۽ ائين ڪٺي ڇئجي ته ٻنهي هڪٻئي کي پورائو بخشيو جنهن نجات جي منزل آڏي اچي اڳيان ڪئي.

مارڪس ۽ اينگلس گڏجي جو ڪجهه D.F. Fahrbucher ۾ لکيو، اهو ئي اهڙي طرح فرينچ روليوشن (فرانسي پورهيت انقلاب) ۾ ڪم آيو ۽ ٻي طرف انگريزي صنعتن بہ ان مان ئي سکيو. بورجوا معاشري جو اپياس ڪندي مارڪس ان جي وڳوڙي پهلو ۽ ماڻهوءَ جي حقن کي ويجهي کان ڏٺو ۽ محسوس ڪيو ۽ اينگلس تجزيو ڪيو تہ ڇتاپيتي ۽ مقابلو ئي اقتصاديات جو محرڪ ۽ پسنديده نڪتو آهي. اسان کي اهڙي قاعدي تي سوچڻ گهرجي جو ان جي نازڪ حالتن کي بدلائي انقلاب آڻي سگهجي.

اهڙي طرح ٻنهي جي ڏاهپ ۽ عملي ڪوشش هي پورهيت نظريو گهڙي تيار ڪيو. ۽ ڪتابن جا ڪتاب ڇپجڻ لڳا جهڙوڪ هولي فيملي (پاڪ خاندان) 1856، جرمن آئيڊلاجي 1838 ۾ وغيره وغيره. هتي ئي True Socialism جو تاجي پيٽيو جوڙيو ويو ۽ تاريخ جي مادي نقطئہ نظر کي نهايت باريڪ بينيءَ سان چٽو ڪيو ويو. هنن کولي سمجهايو تہ پيداوار جي ذريعن سان ئي سڄو سماجي وايومنڊل ڦِري گهِري ٿو. هتان جو ٻيو ڪارنامو آهي مارڪس جي، لکپڙهہ لاءِ ڪميٽي قائم ڪرڻ جنهن خط و ڪتابت ذريعي جرمني، فرانسيسي ۽ انگريزي ڪميونسٽن وچ ۾ خيالن جي ڏي وٺ ۽ تحريڪن جي علمي عملي پاسن جي متا ستا پاڻ ۾ ڪئي. هڪٻئي کي باخبر رکيو ۽ سوچ سمجهہ جي وهڪ کي وڌايو. تہ جيئن گهٽ ۾ گهٽ ٿيوريءَ (نظريي) ۾ تہ هڪجهڙائي رهي سگهي. ان عمل جي سارا ۽ اهميت کي ليگ آف جسٽ 1847 ۾ پڻ گهٽو پڌايو ۽ ڪيس وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي زور ڏنو.

مارڪس ۽ اينگلس ان ڏس ۾ اڳتي وڌيا ۽ ڪم شروع ڪيائون. لنڊن ۾ ٻہ ڏکيون ڪانگريس گڏجاڻيون گهرايون ويون جن ۾ مارڪس پنهنجو موقف زوردار نموني ۾ پيش ڪيو ۽ پاڻ مڃائي ورتو. تنظيم کي نئون نالي ڏئي ’ڪميونسٽ ليگ‘ ڪوٺيو ويو ۽ مارڪس مٿان اها جوابداري رکي وئي تہ هو لکت ۾ ان جو (Theoretical Foundation) مهيا ڪري ان ذميواريءَ جي پڄاڻي اچي ڪميونسٽ پڌرنامي تي ٿي.

# ڪميونسٽ پٽرنامو 1847ع

تاريخ جي هن وهڪري ڪي بورجوا ۽ پيٽي بورجوا خاص ڪري ڏسڻ ۽ سمجهڻ کان قاصر هئا. هن جي شايع ٿيڻ سان دنيا جو پهريون پورهيت انقلاب ڦٽي نڪتو ۽ پئرس ان جي آوازن سان گونجي اٿيو.

ڪميونسٽ پٽرنامي کان اول جو دنيا ڏوڏيندڙ ڪم مارڪس ۽ اينگلس هن جلاوطني دوران ڪيو سو هاڪارو ڪم آهي "تاريخي ماديت"، جنهن کي انگريزيءَ ۾ Historical Materialism چئجي ٿو. اينگلس پنهنجي خط ۾ بيان ڪندي لکي ٿو ته 1845 جي بهار ۾ جڏهن هو مارڪس وٽ بروسلس ويو ته مارڪس وٽس تاريخي ماديت جو بنيادي نڪتو پيش ڪيو جنهن جو متن هو ته معاشي پيداوار ئي هر دور جي سماجي تاڃي پيٽي ۾ قيرقار آڻي ٿي جنهن مان ان دور جا فڪري ۽ سياسي لاڙا جڙن ٿا ۽ تاريخ نهي ٿي. سادي طرح چئجي ته سڄي تاريخ جو عمل ٻيو ڪجهه به نه آهي سواءِ طبقاتي جدوجهد واري تاريخ جي. يعني استحصال ڪندڙ ۽ استحصال ٿيندڙ وچ ۾ ويڙهه، حڪمراني ڪندڙ ۽ حڪمرانيءَ هيٺ پيڙجندڙ طبقن وچ ۾ جنگ. سماجي تاريخ جي مختلف ڏاڪن تي اها ويڙهه ٿيندي ٿيندي هينئر اچي اهڙي ڏاڪي تي پهتي آهي جتي مظلوم ۽ قريل طبقو جنهن کي صنعتي طرح پرولتاريا چئجي ٿو، پنهنجي جان تيستائين آزاد نٿو ڪرائي سگهي جيستائين هو ساڳئي وقت پوري سماج کي به ان بورجوائي استحصال ۽ ظلم کان آزاد ڪرائي.

هي نڪتو اصل ۾ پروڌان لئہ جواب جي شڪل ۾ پيش ڪيو ويو هو جنهن تي ڪم ڪري مارڪس ۽ اينگلس ٻن جلدن ۾ هي ڪتاب تيار ڪيو.

ڪميونسٽ پٽرنامو، جو پرولتاريہ جي سماجواد انقلاب آڻڻ لاءِ هڪ هدايت نامو آهي؛ اهڙي تاريخي دستاويز ۾ نہ صرف پورهيتن جي تحريڪن ۽ پارٽين جو ذڪر آهي پر ان سان گڏوگڏ سرمائيداري جي چوٽ چڙهيل حالتن جو بہ چڱو اپٽار آهي ته اهي ڪيئن اندر ئي اندر پاڻ مان پورهيت انقلاب لئہ راهه هموار ڪن ٿيون. هن جي پهرين ڀاڱي ۾ نهايت اثرانگيز انداز ۾ طبقاتي جدوجهد ۽ جنگاڻ جو تفصيلي ذڪر ملي ٿو جهڙي طرح اها ويڙهه ٻن طبقن، بورجوا ۽ پرولتاريا ۾ وڙهي وڃي ٿي. انهن سيني بنيادي ۽ بيحد اهم مسئلن جي سائنسي اپٽار ڪري اڄ سڄي دنيا ۾ هيءُ پٽرنامو نهايت مٿاهين ۽ مانائتي جڳهه ولاري ٿو ۽ اهڙي

بنيادي سچ جي دستاويز هجڻ ڪري هڪ تاريخي چٽني جي حيثيت ۾ سندس پڙاڏو سڄي دنيا مان ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته ”سڄي دنيا جا پورهيتو متحد ٿيو.“

ها ته هن پڌرنامي جي اشاعت سان جو انقلاب اٿي هليو هو سو نيٺ اچي پرشيا ۾ به پهتو. پرشين سرڪار ان وقت انقلاب جي سڀ کان سخت ترين ۽ ڪٽر دشمن هئي ۽ جرمنيءَ اندر ان چتي مخالفت مچائي ڏني هئي پر سچ جو رستو ڪير روڪي سگهيو آهي. آخر 18 مارچ تي انقلاب پرشين سرڪار جو تختو اونڌو ڪري ورتو. مارڪس لبرل پرووزنل (عارضي وچٿري) سرڪار جي دعوت تي پئرس واپس موٽيو. جتي ڪنگ لوئي فلپس (بادشاھ) جو ڊينگو ڊير ڪيو ويو هو. پرشين سرڪار جا تڏا پٽڻ سان ئي برلن جي بادشاھ به مجبور ٿي پريس مٿان ڪارا قانون هٽايا ۽ ڪيس آزاد ڪيو. اسيمبلي نئين دستور جي تياريءَ ۾ لڳي وئي ته مارڪس به جلد اچي ڪولون ۾ پنهنجي صحافي زندگي جمائي ۽ سموري طاقت سان پنهنجي اخبار جو ڪم جاري رکيائين.

مارڪس هينئر 30 ورهين جو ڳڀرو جوان هو جو اڳ ئي سوشلستن جي مڪتبہ فڪر جو مڃيل ليڊر هو. ڪليل پيشاني، چمڪندڙ اکين جو مالڪ جنهن ۾ ارڏا جذبا هميشہ چمڪندا رهندا هئا، چهچ ڪارا وار ۽ پريل گهاٽي ڀنڀي ڏاڙهيءَ سان هر ڏسندڙ جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي وٺندو هو. سندس عالم واري مڃيل هستي هجڻ ڪري جو ڪجهه به چوندو هو ته ان ۾ گهڻو وزن معنيٰ ۽ گهرائپ هوندي هئي. سندس مخالفن به ڪيس وڏو مانُ ڏنو آهي. ليفٽيننٽ ٽيچوف جي لفظن ۾، ”پنهنجي غيرمعمولي شخصيت سان مارڪس مونکي متاثر ڪيو آهي. سندس دل به سندس دماغ وانگر وسيع ۽ وشال آهي. سندس پيار به هن جي نفرت (استحصال، ظلم ۽ جهالت ڪان) وانگر بي انت اونهو آهي. ان سچ جي باوجود ته هميشہ مونکي ڪمتر ڪونيندو آهي ۽ بي حجاب چئي به ڏيندو آهي، مارڪس اسان سڀني مان مونکي واحد ماڻهو لڳندو آهي جنهن ۾ هڪ اڳواڻ جون بي پناھ خوبيون سمايل آهن جو وڏن وڏن موقعن ۽ ميڙن تي سولائي سان قابو پائي سگهي ٿو ۽ غيرضروري پٽاڙ ڪان سواءِ پنهنجو موقف مڃائي سگهي ٿو.“

۽ ايترا الائجي ڪيترا رايا ملن ٿا جن ڪي جي ويهي حوالن ۾ ٻڌائجي ته هڪ ٿلهو ڪتاب تيار ٿي سگهي ٿو. هو نهايت محبوب شخصيت جو مالڪ هو. سندس اڻٿڪ ڪوشش سان ئي جرمن پورهيتن ۽ وچين طبقي جي جدوجهد ۽ جاڪوڙن ۾ هڪ رابطو، هم آهنگي ۽ اتفاق پيدا ٿي پيو.

ڪولون ۾ ڪم ڪندي مارڪس جي وڏا معرڪا انجام ڏنا انهن اتان جي انتظاميه ۾ وڳوڙ وجهي ڇڏيو. ڪافي ڇڪتاڻ جو ماحول پيدا ٿيو. نيٺ قانوني ڪاروائي سندس اخبار جو اچي در ڪڙڪايو، پوليس جي وٺ پڪڙ شروع ٿي وئي جنهن اخبار جي ايڊيٽوريل بورڊ کي تنگ ڪري ڏنو. مارڪس ڀرپور نموني ۾ ان ڏاڍائي تي احتجاج ڪيو ۽ آخر اختياري وارن کي پنهنجا اجايا بهانا ۽ ڪوڙا بهتان بند ڪرڻا پيا. وري 25 سيپٽمبر تي هرڪر هلي ۽ ملٽري جي وڌڻ جا افواه اٿڻ لڳا ۽ آخر اچي ڪولون ۾ مارشل لا لڳي، مارشل لا هيٺ هن اخبار کي دٻايو ويو ۽ 27 سيپٽمبر تي هن جي اشاعت بند ٿي وئي. شايد مارشل لا لڳائڻ جو مطلب رڳو اخبار بند ڪرڻ ئي هو، جي هو ان ڪان سواءِ نہ ٿي ڪري سگهيا. ايڊيٽوريل بورڊ ٽوڙيو ويو، ڪيترا ميمبر ويچارا گرفتاريءَ جي پؤ ڪان ڀڄي ويا، جن ۾ اينگلس بہ بيلجم هليو ويو. سڀ ڪان وڏي ڳالهہ تہ اخبار جي مالي حالت انتهائي نقصان ۾ هئي ايتريقدر جو موڙي ڏيندڙ جڏهن پني ڏئي هليا ويا تہ اخبار جو جيئڻ رڳو سندس گهٽي وڪري تي ئي ٿي ٿيو. هينئر آخري ڌڪ پچائڻ لاءِ مارڪس نيٺ پنهنجي ذاتي ملڪيت طور ان کي خريد ڪري ورتو. جا ڪيس مهانگي تہ ڏاڍي پئي پر هي اهو شخص هو جنهن عظيم مقصد خاطر پنهنجي تن، من، ڌن جي قرباني ڪري ڪڏهن لوڏو بہ نہ ڪاڏو هو. ٿوري گهٽي موڙي جا پيءُ ڪان ڪيس ورثي ۾ ٿي ملي يا جو ڪجهہ بہ هو مستقبل ۾ وارث جي حيثيت ۾ حاصل ڪري ٿي سگهيو سمورو داءَ تي هٽي ڇڏيائين. مارڪس وري ڪڏهن بہ پنهنجي واتان اهڙي ٻڙڪ نہ ڪڍي، پوءِ سندس شريڪ حيات جي خطن مان ئي خبر پئي تہ ان تحريڪ کي هلائڻ لاءِ هن ست هزار ٿيلا (سِڪو) قربان ڪري ڇڏيا ۽ اخبار کي بچائي ورتو جو ان ڪان وڌيڪ ڪجهہ اهم نہ هو تہ ان جهنڊي کي اوچو رکجي.

تہ گڙٻڙ جي وچ ۾ بہ طوفانن جي اندر بہ هيءَ لاٽ ٻرندي رهي، سات هلندو رهيو، قافلو وڌندو رهيو. سرڪاري مشينري ڏارين خلاف ٻاهہ ٻاري ڏني هئي ۽ انت 3 آگسٽ تي مارڪس کي بہ اهڙو سرڪاري اطلاع مليو تہ پرشين شهري حق ڪنهن ڏاري کي نٿا ڏئي سگهجن. جنهن ڪري هو پاڻ کي هت هڪ اجنبي محسوس ڪري رهيو هو. مارڪس 22 آگسٽ تي وزير داخلہ کي اپيل ڪئي پر سندس اپيل رد ڪئي وئي. مارڪس جي مشڪل ان لاءِ بہ وڌي جو هن پاڻ سان گڏ هڪ ذميوار شخص، پيءُ ۽ مڙس جي حيثيت ۾ ٻارن کي بہ ٿي رکيو ۽ سندس خاندان وڌندو رهيو هو. پهريتي ڏيءَ جنهن کي ماءُ پنيان پيار مان جيني ئي چيو

ويندو هو، مئي 1844 ۾ جائي. ان بعد ٻي نياڻي لارا سيپٽمبر 1845 ۾ ڄائي ۽ جلد ئي هڪ پٽ ڄائس جنهن کي ايگر سڏڻ لڳا.

سرڪاري طرح نيڪاليءَ جي اطلاع بعد به مارڪس پنهنجو ڪم ڀرپور توجه ۽ جفاڪشيءَ سان جاري رکيو. پاڻ ان ۾ ڪيترا اهم مضمون ڇپيندو رهيو جن پرولتاريا کي ويتر وڌيڪ پڙڪايو جيئن وهليم وولف جا مضمون ۽ پورهيت سنگتن ۾ ڪيل مارڪس جا اجرتن، پورهئي، سرمائي تي ڏنل ليڪچر پڻ ڇپجڻ لڳا. آخر 10 مارچ تي صوبائي حڪومت برلن سرڪار کي رپورٽ ڪئي ته مارڪس اڃا تائين ڪولون ۾ آهي. هو پوليس جي اجازت بنا نه صرف رهي رهيو آهي پر پنهنجي اخبار ۾ پڻ موجوده نظام خلاف تباهي مچائي ڏني اٿائين ته سماجواد جمهوريت قائم ڪئي وڃي.

آخر وڏي وٺ پڪڙ بعد مارڪس کي تئين جلاوطني ڪرڻي پئي. هو مالي بحران جي انتها ۾ هو، ڪيس اها پڻ خبر ڪونه هئي ته ان سفر لاءِ وٽس پئسا ڪٿان ايندا، جيئن هن 23 آگسٽ 1849 ۾ اينگلس کي لکيو ته هو فرانس ڇڏي رهيو آهي ۽ 15 سيپٽمبر تي هڪ ٻي دوست کي لکيائين ته هو نٿو ڄاڻي ته ڪيئن پنهنجي گهرواريءَ جو خرچ پکو ڪيندو يا ڪيس ڪانيڪو ڪندو، بهرحال جلاوطني جي ڏکي اٽانگي ۽ اڪٿ رات جو سفر شروع ٿي ويو.

هن ڏکيءَ گهڙيءَ ۾ به مارڪس پنهنجو مقصد پنهنجي اڳيان رکندو آيو ۽ مارڪس سان گڏ سندس اخبار پڻ لنڊن آئي جيتوڻيڪ سندس مستقبل اجاڙ ٿي لڳو پر همت هارڻ ته مارڪس سکيو ئي نه هو، تنهن ڪري ڪم شروع ٿي ويو، فاقا به جاري رهيا ته به اخبار هلندي رهي. شروع ۾ اخبار ماهوار ڪري 80 صفحن تي هلائي ويندي هئي ۽ جي ڏوڪڙن اجازت ڏني ته پندرنهين به ٿي سگهي ٿي يا هفتيوار حيثيت ۾ به اچي سگهي ٿي جيئن ٻيون انگريزي ۽ آمريڪي هفتيوار هلن پيون. مارڪس سان گڏ اينگلس به هن ڪم ۾ هٿ ونڊائڻ لڳو پر گهٽڻ ڏولاون ڪانپوءِ نيٺ هنن کي اخبار نومبر 1850 ۾ بند ئي ڪرڻي پئي جو هنن جو 5 - 6 شمارو آخري ثابت ٿيو. هن ٻئي شماري ۾ سڀ کان اهم مضمون هيو ”سياسي معاشيات جو جائزو“ جو مئي کان آڪٽوبر تائين ڪيو ويو. مارڪس ۽ اينگلس انقلاب جي عمل ۾ ردعمل تي نهايت تفصيل سان ڇنڊڇاڻ ڪئي هئي ته انقلاب اقتصادي بحران مان ڦٽي ٿو ۽ جڏهن نوان پيداواري ذريعا پراڻن بورجوائي ذريعن

سان سنئون سڌو ٽڪر ۾ اچن ٿا ۽ ردعمل نتيجو آهي پيداواري ترقي جو. هن جائزي تي تاريخ 1 نومبر 1850 لڳل آهي ۽ اهو آخري پرچو يادگار ٿي رهيو.

هيءَ جلاوطنيءَ جي بدنصيب اماس رات مارڪس جي تقريباً اڌوڙٿ عمر ۾ آئي جنهن مارڪس جي حياتيءَ کي بلڪل ئي بدلائي ڇڏيو. مارڪس پوءِ بہ نهايت گنڀيرتا سان ڪم ڪندو رهيو. هن لونءَ ڪانداريندڙ گهڙين جا ڪجهہ حصا پڙهندي تہ وار اُڀا ٿيو وڃن ۽ جسم مان سيسرات نڪريو پون تہ ڪهڙا پهاڙي جيءَ هيا ۽ ڇا ارڏا مقصد ۽ حوصلا وٽن هئا. مارڪس جڏهن جيئڻ جي جاکوڙ ۾ هو تہ هن ڪسمپرسيءَ ۾ ڪيس نومبر 1849 ۾ چوٿون ٻار، پٽ ڄڻيو، جائو. سندس ماءُ لکيو تہ، ”هي معصوم ٻارڙو اهڙي تہ اچي اڻ هوند ۾ پيو آهي جو هر وقت ڪِيتون ٿو ڏئي ۽ تپيو پيو آهي ۽ ڏينهن رات بي آرام ٿو گذاري. جڏهن کان دنيا ۾ داخل ٿيو آهي تہ هڪ رات بہ آرام سان سمهي نہ گذاري اٿس. ڪلاڪ بہ اک مس ٿي لڳيس تہ وري هڇڪيون شروع اٿس.“ ۽ هي ٻار هڪ سال اندر ئي اجل جو شڪار ٿي وين.

هنن کي مٿان بي يارمددگار سمجهي مسواڙي گهر مان بہ تڙيو ويو، جيتوڻيڪ هن مسواڙ بہ ڏني ٿي پر اها مالڪ تائين نٿي پهتي، نيٺ هنن هڪ ٻن ڪمرن وارو گهر رلي پني هٿ ڪيو ۽ ڇهن سالن تائين هن تنگ مڪان ۾ رهندا هئا پر مالي بحران جاري رهيو. آڪٽوبر 1850 ڌاري مارڪس خانداني چاندي جا گروي رکيل هئي، وڪڻڻ لاءِ ڇيو. صرف هڪ چمچو رهايائون جو ننڍڙيءَ ڌيءَ جي لاءِ هو.

”اينگلس کان سواءِ مارڪس مڪمل طرح اڪيلو ۽ بي يارمددگار هو. هو جو هر ڏکئي وقت سڀ جو ٻانهن ٻيلي ٿي بيهندڙ هو. بنهہ اڪيلو ٿي پيو هو. اهو ڏسي منهنجي دل رت ٿي روئي تہ مصيبتن جا پهاڙ مارڪس مٿان ڪري پيا آهن پر هن جي سوچ جو ڍنگ ئي الڳ آهي. هن گهڙيءَ بہ همت نہ هاري آهي ۽ مستقبل ۾ يقين هڪ پل لاءِ بہ نہ لڏيو اٿس.“ هيءِ هئا سندس گهرواريءَ جا تاثرات تہ بد کان بدتر حالتن ۾ بہ مارڪس مرڪندو رهيو ۽ ساٿي اڏمن سان ٻارن سان کيڏندو رهيو ۽ دشمن مٿس اخلاقي حملا ڪندا رهيا. هو سندس ڪردارڪشيءَ تائين لهي آيا. مارڪس هڪ دوست کي ان بابت لکيو تہ، ”منهنجي گهرواري نهايت ڏکئي وقت مان گذري رهي آهي ۽ ننڍڙين ننڍڙين شين لاءِ سڪندي بہ گهاري رهي آهي پر ان جي انتها تڏهن ٿي ٿئي تہ منهنجا مخالف مون تي اخلاقي حملا ڪندي ڪندي ايترو

تہ ڪري ٿا پون جو منهنجي ڪردار تي بہ گند اڇلڻ کان نٽا مڙن. مون ڪي تہ انهن جي ذري برابر بہ پرواهہ ناهي ۽ آءٌ ڪلي ٿاري ڇڏيندو آهيان پر منهنجي زال لاءِ اها نهايت هاجيڪار آهي جا اڳ ئي بيحد بيمار آهي ۽ سندس رڳون ٿيون ڦاٽن ۽ جا فاقن ڪي بہ فرحت سمجهي مصيبتن پريل غربت سان منهن ڏئي رهي آهي. هي حملا هن لاءِ موتمار ثابت ٿين پيا.“

هي هئا مارڪس جا اکر جن ڪي پڙهڻ کان پوءِ دنيا ۾ ڪيل مارڪس مٿان اجايا حملا، چٽرون ۽ تنقيدون نهايت واضح بکواس ٿي پيون آهن، تہ ڪيئن نہ رجعت پرست مدي خارج سوچ جا ماڻهو مارڪس جي عملي ۽ فڪري پاليسي ڪي مضبوط ڏسي مٿس اجاين بهتانن جا گند پيا اڇلائين.

خير هو انگلينڊ ۾ هن پيڙهيندڙ حاجتن ۽ لاچارين واري زندگي جيئندو رهيو ۽ ڪم ڪندو رهيو، ويندي هو ڳيي ٽڪر لاءِ بہ لاچار ٿي پيو. هڪ ٻي خط ۾ اينگلس کي لکي ٿو تہ ”منهنجي گهرواري ناچاڪ آهي، ۽ ننڍڙي جيني پڻ بيمار آهي، پر آءٌ ڊاڪٽر ڪي بہ نٿو گهرائي سگهان جو مون وٽ ڊاڪٽر ۽ دوائن لاءِ ڪجهہ بہ ڪونهي. 8 ـ 10 ڏينهن کان پنهنجي ڪٽنب ڪي ڪڏهن روٽي تہ ڪڏهن پٽاٽا کارائي جيئاري رهيو آهيان.“ ان غربتن وچ ۾ ٻن ٻارن جو اضافو ٿيو ۽ جلد ئي ٻار گذاري بہ ويس. برٽانيڪا انسائيڪليوپيڊيا تہ ايترو بہ لکيو تہ، سندس گهرواريءَ وٽ پنهنجي ٻار جي لاش ڪي دفنائڻ لاءِ بہ پئسا ڪونہ هئا.

آخر 1856 ڌاري ڪيس ورثي ۾ مليل ڪجهہ پئسا مليا ۽ سندس گذارو ٿيڻ شروع ٿيو وڃي. 1864 ۾ سندس ماءُ جي وفات ۽ هڪ ڪميونسٽ ساٿي ولهيم وولف جي ڇڏيل وصيت ڪري سندس حالت بهتر ٿيڻ لڳي، پر سندس صحت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيڻ لڳي، مٿي کان پيرن تائين سڄو ڦرڙين ۾ ونجي ويو پر ڪم ڪرڻ نہ ڇڏيائين، ۽ پوءِ بہ سرگرميءَ سان پرجوش گهريلو زندگي ماڻيندو رهيو. ٻارن سان کيڏڻ ۾ ڪيس گهڻو لطف ايندو هو، هر آچر تي ڪنهن پڪنڪ لاءِ بہ نڪري ويندا هئا جنهن ۾ ڳائڻ وڄائڻ سان گڏ شيڪسپيئر جي شاعري جي پڻ جهونگار ٿيندي هئي. پنهنجي مطالعي ۾ رڳو ٻارن لاءِ ڪلاڪ ٻن جي وٿي ڪندو هو ۽ هو بہ ڪيس پائيندا هئا.

ڪم لاءِ هن اچي ڪميونسٽ ليگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ عملي طرح وري صحافي سرگرمين ۾ لڳي ويو.

هن سرمائيدارانہ سماج جو هتي ڳوڙهو اڀياس ڪيو ۽ سياسي معيشيت تي گهڻو وقت صرف ڪيائين. 1850 ۾ اينگلس جي مدد ڪانپوءِ سندس مالي حالت رڳو سندس لکڻين تي ئي هلندي هئي جي هو نيويارڪ ڊيلي ٽربيون ۾ موڪليندو هو، جا آمريڪا جي سڀ ڪان وڏيڪ وڪرو ٿيندڙ اخبار هئي. هنن لکڻين ڪان وڌيڪ ڪيس پنهنجي اڀياس سان چاهه هوندو هو ۽ هن ڪم کي بس گذارو ئي سمجهندو هو. اقتصاديات تي اڀياس دوران هن ايترا قيمتي ۽ اڻ لڀ مسودا وڏي جفاڪشيءَ بعد لکي تيار ڪيا پر سندس توجہ جو مرڪز سندس جڳ مشهور ڪتاب ”ڪئپيٽل“ ئي رهيو. جنهنجو پهريون جلد 1867 ۾ شايع ٿيو. هن لاءِ مارڪس دعوا ڪئي هئي تہ هن پنهنجي ”صحت، خوشي ۽ ڪٽنب“ کي اُن تي گهوري ڇڏيو هو جو هر شيءِ ڪان بي پرواهہ ٿي هو ڏينهن جا ڏينهن ۽ راتين جون راتيون مٿس ڪم ڪندو رهيو. تحقيق ۽ اڀياس سان ايتري گهري اُنسيت شايد ورلي ڪنهن وٽ هجي. پوءِ بہ عملي طرح انٽرنيشنل ورڪنگ مينز ائسوسئيشن، جا لنڊن ۾ 1864 ۾ ٺهي، ۾ ڪم ڪرڻ ۾ ايترو تہ مشغول رهندو هو جو پنهنجي پوري اورچائي سان اقتصاديات تي ڪم ڪري نٿي سگهيو. هن جي ان طرف ايڏي دلچسپيءَ ۽ مجاهدانہ ڪم جي لڳن جاري رهي ۽ اهائي ائسوسئيشن اڳتي هلي ’فرسٽ انٽرنيشنل‘ (ڪميونسٽن جي عالمي تنظيم) جي نالي سان جڳ مشهور ٿي. اٺن سالن تائين مارڪس مسلسل ان ڪائونسل تي اهم حيثيت رکندو آيو ۽ سندس هر فيصلي تي قادر رهيو جهڙوڪ پولينڊ جي آزادي يا آئرلينڊ جو حق خوداراديت ۽ سماجواد مسئلا تہ پورهيتن ڪان گهٽ ڪم ڪرايو وڃي ۽ زمين کي گڏيل ملڪيت طور استعمال ڪيو وڃي وغيره وغيره. ان انٽرنيشنل دوران جو خاص واقعو پيش آيو سو هو فرانسي پرشين جنگ ۽ انجا نتيجا، پيرس ڪميون، جنهن کي ڪجهہ بنياد پرست پورهيتن منظم ڪيو ۽ پوءِ جلد ئي جنهن کي دٻايو ويو. مارڪس جنرل ڪائونسل طرفان ان تي هڪ ڊگهو ۽ مفصل چنو (On civil war in France) لکيو ۽ باغين کي خاص طرح هٿِي ڏني.

اڳتي هلي مارڪس ۽ سندس بهترين دوست مائيخل بڪونن، جنهن کي مارڪس هميشہ ۽ هرهنڌ پئي ساراهيو ۽ همتايو ۽ جنهن کي بچائڻ لاءِ هن ٻين کي بہ وقت بوقت پئي جواب ڏنا، ٻنهي وچ ۾ اختلاف ايترا تہ وڌي ويا ۽ ٻنهي جي پوئلڳن ۾ ڏڦيڙ پئجي ويا جنهن تنظيم کي ڪافي ڪمزور ڪري ڇڏيو ۽ آخر

جڏهن 1872 ۾ جنرل ڪائونسل جي سيٽ ڪي نيويارڪ اماڻيو ويو تہ سندس اصلي خاتمو ٿي ويو.

1878 ۾ جڏهن انٽرنيشنل جي مڪمل خاتمي بعد مارڪس پاڻ کي مڪمل طرح اڀياس جي حوالي ڪري ڇڏيو جيتوڻيڪ 1873 جي سرءُ ۾ هن کي وڏو ذهني لوڏو آيو جنهن ۾ هن جي مڪمل وجود ۾ زلزلو اچي ويو هو ۽ خاص طرح سندس دماغ بري طرح ضربجي پيو هو. هن جي تخليقي قوت کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. ڪجھ هفتن جي علاج بعد مانچسٽر جي ڊاڪٽر گمپرٽ جو اينگلس جو دوست هو، ڪيس ڪافي حد تائين بحال ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ڊاڪٽر جي مشوري تي هن صحت لاءِ سفر شروع ڪيو تہ جيئن موسم مٽ جو خوشگوار اثر ٿئي. 1873ع ۽ 1877 ۾ هن اهڙا بہ سفر پڻ ڪيا، ان جو نتيجو تہ نهايت سنو نڪتو ۽ مارڪس پراڻي جيري جي تڪليف تي بہ قابو پائي ويو. باقي معدي ۽ تنتي سرشتي جي خرابي هن کي شديد متي جو سور ۽ بي آراميءَ سان لوڏيو پئي ۽ ٻي سال ساموندي سير ۾ بہ ڪافي آرام آيس پر....

پر مارڪس آرام ڪري بہ تہ سهي! سڄي جواني ڪم جي حوالي ڪري هينئر 60 سالن جي عمر ۾ تہ آرام جو حق وني ها! پر ڪٿي؟ هو وري ساڳي جوش سان ڪم کي جُنبي ويو ۽ سائنسي تعليم طرف پوريون صلاحيتون وقف ڪري ڇڏيائين. جنهن لاءِ اينگلس چوندو هو تہ ”هيءُ هر شيءِ جو اونهو اڀياس ڪري انجي تاريخي ماهيت ۽ ترقيءَ جا سبب معلوم ڪري وٺندو آهي.“ هر سوال مان الاهي ڪيترا مونجهارا ٿي نڪتا ۽ هو هر تعليم جي هر شعبي کي لڳي ٿي ويو. اها تاريخ هجي يا روس ۽ آمريڪا جي زميني ملڪيتن جا مسئلا، هن جرمن ۽ لاطيني ٻولين جو بہ گهرو اڀياس ڪيو ۽ يورپ ۽ آمريڪا جي ڪم ڪندڙ پورهيتن جي تحريڪن ۾ عملي حصو ورتائين ۽ پورهيتن (پرولتاريا) لاءِ هو هر وقت تيار صلاح ڪار ۽ ڪل وقتي ڪارڪن طور ڪم ڪندو رهيو. جيتوڻيڪ رات جو گهٽي دير تائين ڪم ڪرڻ جو عادي هيو پر صبح جو ساجهر ئي هنڌ ڇڏي ويندو هو، بليڪ ڪافي پي اخبار پڙهندو هو ۽ پوءِ وري اچي مطالعي ۾ لڳندو هو تہ متان اڌ رات ٿي ويندي هئي ۽ هو پڙهندو رهندو هو، وقفو رڳو ماني لاءِ يا شام جو سير ڪرڻ لاءِ ڪندو هو. تاڪ منجهند جو بہ ڪڏهن ڪلاڪ ڪن لاءِ صوفي تي ئي آهلجي پوندو هو ۽ ڪم ڪندي ڪڏهن تہ ماني ڪائڻ بہ نہ پڄندي هيس ۽ ذهني غذا ۾ پيٽ کي پيو سڪائيندو هو. گهٽ ڪائيندڙ ۽ گهرو سوچيندڙ جيوُ هو. يوڳ

پوڳ ۾ چوندو هيو تہ ڪئپيٽل تہ منهنجي سگريٽن جو خرچ بہ نہ ڪڍي سگهندو. جي سگار هن ڪي لکندي چڪيا هئا ۽ ڏکين ڏينهن ۾ هن گهٽ درجي وارا سگريٽ بہ پيتا هئا جن يقيناً هنجي صحت کي نقصان ئي رسايو هوندو.

سائنسي ڪم ۾ مشغول هجڻ سان گڏ هن کي ڪجهہ ادبي معيار بہ هئا ۽ ڪيس ائسڪائيلس، هومر، ڊانتي، شيڪسپيئر، سروانتي ۽ گوئٽي جهڙا عظيم لکندڙ وڻندا هيا، يوناني فلسفي سان ڪيس خاص لڳاؤ هيو ۽ اهڙي طرح ڪيس دنيا جي ڪلاسيڪي تمدن سان گهڻو چاهہ هيو. ساڳي طرح جرمن ادب جي بہ ڪيس گهري ڄاڻ هئي ۽ تاريخ جي وچين دور کان هين ۽ گوئٽي تائين ڪيس جرمن ادب تي عبور حاصل هو. ڪمزور صحت جي باوجود بہ مارڪس پنهنجي ڪتاب ڪئپيٽل جي ٻي ڇاپي تي ڪافي ڪم ڪيو ۽ عملي طرح هن جرمن ڊيموڪريٽ پارٽي تي گهڻو ڌيان ڏنو پر هينئر مارڪس جي حياتيءَ تي شام جا ڊگها پاڇا لڙي آيا هئا ۽ بيماري وري هن تي ڀرپور حملو ڪيو ۽ سندس پياري زال بہ سخت بيمار هئي، جنهن جي ڏک بہ هنجي اندر ۾ تنگ تي ڪيا ۽ مارڪس اچي بستري ڀيڙو ٿيو.

آخر 2 ڊسمبر 1881 تي سندس گهرواري لاڏاڻو ڪري وئي ۽ مارڪس ان وقت بہ ايترو بيمار هيو جو ڊاڪٽر ڪيس قبرستان هلڻ تائين بہ منع ڪري ڇڏي. مارڪس پنهنجي نياڻيءَ کي لکيو تہ ” آءٌ ڊاڪٽر جي روڪڻ تي وڃي نہ سگهيس ۽ نہ ئي سندس لاءِ ڪو شاناٺو بندوبست ٿيو جو مرڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ هن اهڙي وصيت ڪئي هئي تہ ڪابہ شو شا نہ ڪجي. اسين هونءَ بہ ٻاهرين ڏيک ۽ نما ۾ يقين رکندائي نہ آهيون.“

اينگلس جينيءَ جي قبر تي ڳالهائيندي چيو تہ ”هوءَ بي پناهہ عزت ۽ احترام جي لائق آهي، مونکي انجي ذاتي خوبين تي ڳالهائڻ جي ڪابہ ضرورت نٿي محسوس ٿي، جو ڪيس سڀ ڄاڻن ٿا ۽ ڪيس ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندا. جيڪڏهن ڪابہ عورت ٻين جي خوشين لاءِ جاکوڙ ۾ جيئندي رهي ۽ جنهن جي سڀ کان وڏي خوشي ٻين جي خوشي هئي تہ اها عورت جيني مارڪس ئي هئي.“

مارڪس جيني کانپوءِ ڇا هو؟ اينگلس جي لفظن ۾ تہ هو بہ ان سان گڏ مري چڪو هو. بس ساهہ کڻڻ جو عمل سال کن ئي باقي رهيو. هو زنده رڳو ان لاءِ رهيو تہ پنهنجي عظيم آدرش لاءِ پنهنجون سموريون ڪوششون استعمال ڪري سگهي، جنهن لاءِ هن تمام ڄمار جاکوڙ ڪئي هئي ۽ انکي پنهنجو مقصد بڻايو

هو. هن وري ڪم شروع ڪرڻ جو خيال ڪيو باوجود ان جي تہ ڊاڪٽرن ڪيس سياري ۾ لنڊن ۾ رهڻ لاءِ ئي منع ڪئي هئي. هنڪي نيٺ تڏ لڳي وئي ۽ صبح جي تفريحي سير ڪرڻ کان بہ لاچار ئي ڪمري ۾ قيد رهيو ۽ سائنسي ڪم ڪرڻ لاءِ هرڪندو رهيو جو هينئر اهو ڪرڻ ممڪن نہ رهيو هو. هنڪي همعصرن سان بہ ڪافي شڪايت رهي ۽ جهڙي طرح هنڪي پيش ڪيو ويندو هو انتي بہ افسوس ٿيندو هيس. وڏي دلچسپيءَ سان وقت جي واقعن تي نظر رکندو هو. پر 11 جنوري 1883ع تي هن کي وري ٻيو ڪاپاري ڌڪ لڳو. سندس نياڻي جيني بہ وفات ڪري وئي. هو هينئر پڄي پيو هو ۽ تڏ لڳڻ سبب هنڪي ڦڦڙن تي ڏاڍو خراب اثر ٿيو. وري ڳلو بہ اهڙو خراب ٿي پيس جو ڪجھ بہ کائي پي نٿي سگهيو سواءِ کير جي، جو ڪيس بلڪل پسند نہ هو. فيبروريءَ ۾ هنجي ڦڦڙن ۾ ٽيومر پيدا ٿيو ۽ جي بہ دوائون استعمال ٿي ڪيائين سي اجايون ٿي ثابت ٿيون جو هنجو سڄو جسم دوائون پندرھ مهينن تائين وننديي اوور ڊوز ٿي پيو هو: ۽ انهن هن جي هاضمي کي خراب ڪري سندس بک وڃائي ڇڏي هئي. پر ڊاڪٽر نراس نہ ٿيا هئا ۽ انهن علاج جاري رکي سندس نڙيءَ جي بيماري (Bronchitis) جو بلڪل خاتمو ڪري ڇڏيو ۽ مارڪس ڳيهڻ ۽ ڳيت ڏيڻ جي لائق ٿيو. پر سندس آخري وقت اوچتو اچي ويو. 14 مارچ 1883 جي هڪ اداس ٻپهري ۾ مارڪس هن دنيا کي هميشہ لاءِ ڇڏيو هو. سندس موت بنا ڪنهن ايذاءَ جي هڪ آرام ڪرسيءَ ۾ ليٽيندي آيو. وڏي نقصان ۽ صدمي جي باوجود اينگلس چيو، ”سندس موت هڪڙو دلاسو اهو ڏنو تہ هو وڏيڪ عذابن ۽ ايذاون، ۽ ناتمام حسرتن جي عذابن کان بچي ويو. طبعي مهارت ٿي سگهيتو تہ ڪيس اجان ڪجھ سال جيئرو رکي سگهي ها. پر اها زندگي مارڪس لاءِ ڏاڍي ڏکي ثابت ٿئي ها جو هو شايد سهي بہ نہ سگهي ها تہ ڪيترو اڻپورو ۽ اڌورو ڪم سندس سامهون هيو ۽ انکي پوري ڪرڻ جي ڪامندڙ تمنا ۽ اهو ڄاڻي تہ هو اهو پورو نٿو ڪري سگهي ۽ نہ ئي ان لائق ٿي سگهيتو، ڪيس ڏاڍو ايذاءُ ڏئي ها ۽ موت مٿس مهرباني ڪئي جو هنڪي وٺي ويو.“

چنچر ڏينهن 17 مارچ تي ڪيس سندس زال واري قبر ۾ ئي دفنايو ويو. مارڪس ماڻهن لاءِ جيئرو رهيو ۽ ماڻهن لاءِ ئي مئو. اينگلس سندس موت تي آخري لفظ چيا تہ، ”14 مارچ جي هڪ منجهند جو پوڻين ٽين بجي، هڪ وڏي مفڪر ۽ گنڀير سوچيندڙ سوچڻ ڇڏي ڏنو. ٻن منٽن لاءِ اسين ڪيس اڪيلو ڇڏي ويا هئاسين ۽ موٽي ڏٺوسين تہ هو آرام ڪرسي ۾ ستل مليو، هميشہ لاءِ آرامي ٿيل.“

آمريڪا ۽ يورپ جي پورهيتن ۽ آزادي لاءِ جاکوڙ ڪندڙ پرولتاريا کي جو هن موت هاجو ڏنو آهي تنهن جي ڪٿ ڪرڻ ممڪن نہ آهي ۽ تاريخي سائنس جو ڪجهہ وڃايو آهي سو بہ ٻڌائي نٿو سگهجي، جلد ئي اسان کي ان کوٽ جو احساس ٿيڻ لڳندو. جيئن ڊارون اوسر (ارتقا) جا اصول ڳولي لڌا هئا تيئن مارڪس انساني تاريخ جي ارتقا هٿ ڪئي هئي، هن اهو لوچي لڌو هو تہ سچ رڳو اهو آهي تہ پهريائين ماڻهوءَ کي سڀ کان اول لتي، اجهي ۽ اَنَّ جي ضرورت آهي ۽ پوءِ هو مذهب سائنس تاريخ ۽ بين شعبن ۾ پڙهي پرجهي وڌي سگهي ٿو. رياستي اداري جا اصول قاعدا قانون رڳو روزگار تي لڳندڙ لٺ جو نانءُ آهن. اصل ۾ اقتصادي پيداوار ئي مول مقصد آهي جنهن کانپوءِ ٻيو ڪجهہ سمجهہ ۾ اچي سگهي ٿو. پوءِ اهي قانوني نڪتا هجن، سائنسي اصول هجن يا مذهبي متا. پيٽ ڀرڻ بعد ئي ڪجهہ سمجهہ ۾ اچي ٿو، نہ ئي اول ڪجهہ ڪري سگهجي ٿو. بلڪل ابتڙ انجي جيڪو اڄ تائين انسان کي سيکاريو ويو آهي.

نہ صرف ايترو مارڪس اهو پڻ ٻڌايو تہ اڄ جو سرمائيدارانہ سرشتو ڪيئن هلي ٿو جنهن لاءِ هن خاص اهم اصول ڳولي ڪڍيا، بچت واڌاري وارو روشن اصول ئي اوندهہ کي هٽائي سگهيو جنهن ۾ اڳ سيئي بورجوائي اقتصادي ماهر ٿاڦوڙا هڻي رهيا هئا. تاريخيماديت هجي يا جدلياتي ماڻهو مارڪس کان ئي رهبري حاصل ڪري هن نہ سمجهندڙ دنيا کي سمجهڻ لائق ٿيو آهي. هن ويندي حسابن تي بہ ڪارناما ڪري ڏيکاريا، هو سائنسي ماڻهو هو پر اهو رڳو مارڪس نہ هو، هو تہ تخليقي نموني تاريخ ۾ انقلابي قوتن کي اڳيان آڻيندڙ ۽ انکي انقلابي انداز ۾ اڳتي وڌائيندڙ عملي دانشور هو جنهن انساني عظمتن ۾ نون بابن جو واڌارو آندو. هو سڄي ڄمار انقلابي رهيو تہ جيئن سرمائيدارانہ استحصال جي پاڙ پٽي ڪيجي ۽ رياستي ادارن جا لاهہ ڪيي هميشہ لاءِ پرولتاريا کي اقتصادي پنجوڙ مان آزاد ڪرائجي. هن ئي پهريون ڀيرو ڪين پنهنجي بدحالي ۽ طاقت کان واقف ڪرايو هو ۽ آزادي جي ضرورت ۽ وسيلن کان ويندي ان حالتن پيدا ڪرڻ جا ڏانوَ ڏسيا، جنهن سان سڄي مظلوم انسانيت آزاد ٿي سگهي ٿي. سڄي ڄمار جنهن اورچائي طاقت عزم ۽ ارادن سان مختلف رياستي ٽڳين سان وڙهندو رهيو سو رڳو ڪن ٿورن جي حصي ۾ ئي اچي سگهي ٿو. سندس سڄي زندگي گوناگون، ڪارنامن سان ڀريل آهي ڪهڙا ڳڻي ڪهڙا ڪٽجن. مارڪس پوري ڄمار مختلف حملن، جلاوطنين ۽ بهتانن سان وڏي صبر ۽ ڪمال استقلال ذريعي منهن ڏيندو

رهيو، ۽ بي پرواهه ٿي ڪم ڪندو رهيو. جڏهن گهڻو مجبور ڪيو ويندو هو تہ جواب ڏيندو هو، نہ تہ نظرانداز ئي ڪندو رهندو هو. هو وڏو مانائتو موت مئو، لکن ڪروڙن انقلابي پورهيتن جي پيار پريل ڳوڙهن ڪيس سينگاريو، سائيبريا جي ڪاڻن کان ويندي يورپ ۽ آمريڪا جي انقلابين ۽ ڪيليفورنيا جي ڪنارن تائين رهندڙ سيني ڪم ڪندڙن جي سڏڪن ڪيس خراج عقيدت ڏني. هن کي زندگيءَ ۾ هزارين مخالف مليا پر ڪوبہ ذاتي دشمن ڪيس ڪونہ هو. سندس نالو صدين کان صدين تائين زندہ رهندو ۽ اهڙا ئي سندس لکيل ڪتاب ۽ ليک!

ڪوڙين ڪاياڻون تنهنجيون، لکن لک هزار،
جيءَ سپ ڪنهن جي سين، درسن ڏارو ڏار،
پريَم! تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان.

(شاهه)

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب

Sindhi Awami e-Books

ٽيڪسٽ انٽري ۽اِي بُڪ ڪمپوزنگ: سڪندر علي ابڙو، قمبر علي خان

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڪِلڪ ڪريو: http://geocities.com/sindhiawami